قربان علي شر

# شاهہ جي ڪلام ۾ ڏک جون ڪيفيتون


## Abstract:

*Shah Abdul Latif Bhittai, the great name of Sindhi poetry needs no introduction. He was an natural born scholar, mystic, saint, poet, musician and an uncrowned king of Sindhi poetry.*

*As a great poet, he has innumerable dimensions to his poetry. He speaks of unconditional love, matchless loyalty, selfless patriotism, unbearable sufferings of life and painful feelings of body and soul.*

*His characters portray incredible symbols of untiring struggle and extraordinary tolerance by which he describes the heartache, gloom, misery, melancholy, soreness, sorrows, strains, discomforts, torments, tenderness, distress, agony and affliction.*

*Shah Abdul Latif considers sorrows as the beauty of pleasures. He sings the sweet songs of melancholy, in which a human experiences the real doom and gloom. These aches give such individual the ability to face every hardship in various walks of life.*

*His Risalo seems to be the treasure of pain in which the sorrows and sufferings are depicted as the alluring charms of life. His definition of hardships encourages the humans to bravely fight against distress. In his view, difficulties make a man strong. By the same token, the person who tastes the torments turns into a purified spirit.*

*He artistically teaches us to keep on moving ahead and never give up. As Allah Almighty says in His Holy Book, "There is indeed an ease after every unease." His immortal characters welcome the sorrows with open arms as the priceless ornaments.*

*By and large, Shah Abdul Latif Bhittai has bestowed a kind of life to the feelings of cramp. The way he describes the anguish and sufferings is absolutely phenomenal and incomparable.*

*In his whole versification, Shah Abdul Latif has brilliantly reflected the sensations of grief. Out of those incalculable agonies, some of the aspects of pain narrated by Shah Abdul Latif Bhittai are discussed in this article.*






**سنڌ** جي سرموڙ، سدا حيات شاعر ۽ مفڪر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سموري شاعري فني خوبين سان ڀريل آهي، تہ گڏو گڏ فڪر ۽ فلسفي جي بہ ڪا کوٽ ڪانہ اٿس. شاهہ لطيف جي ڪلام تي گهري نظر وجهڻ سان خبر پوندي تہ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ انسان دوستي، حب الوطني، جدوجهد، سماجي قدر، سونهن ۽ نياز نوڙت جو ذڪر تہ ملندو ئي ملندو، پر ان سان گڏو گڏ اسان کي سندس ڪلام ۾ ڏکن، سورن، اهنجن، تڪليفن ۽ گوندرن جو ذڪر بہ جا بجا ملندو. جيڪڏهن اسان لطيف سائينءَ جي ڪلام کي گهرائيءَ سان پرکيندا ۽ پروڙينداسين تہ پتو پوندو تہ، سندس سمورو ڪلام ڏکن، دردن ۽ پيڙائن جو ئي رد عمل آهي. ڏک ڇا آهي؟ "ڏک هڪ اها ڪيفيت آهي، جيڪا جيوت – سگهہ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري ٿي ۽ وجودي واردات سان همڪنار ڪري ٿي. ڏک فطرت جو هڪ چيلينج آهي، جنهن کي انسان قبول ڪري سک لاءِ جستجو ڪري ٿو."(١)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 'جامع سنڌي لغات' ۾ ڏک جون هيٺيون معنائون ڏنيون آهن:

"ڏکُ جمع ڏکَ، ز. (پرا. دُک. سن. دُهک = ڏک) سُور، دَردُ، عَذابُ، ايذاءُ، پيڙا، ڪَشٽُ، رنج، غم، افسوس، ارمان، شوڪ، گوندر، ڏُکُ، اهنج، مشڪلاتِ، سوڙهہ، تنگي، تڪليف، سختي، اِفلاس، آپدا، مصيبت"(٢)

مطلب تہ ڏک اها ڪيفيت آهي، جيڪا جياپي ۾ رڪاوٽ جو سبب بڻجي. انسان جي زندگيءَ جي سفر ۾ ڏکن ۽ دردن کان پوءِ وري سک ۽ خوشيون آهن، جهڙيءَ طرح قرآن شريف ۾ آهي تہ "إِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا"(سوره الشرح، آيت ٦) (ترجمو: بيشڪ اهنج سان گڏ سهنج آهي.) (مولانا تاج محمود امروٽي) ڏک انسان جي زندگيءَ کي رڳو ڏاهي نہ ٿو، پر ڏک تہ انسان کي اڏيندڙ بہ آهي. ڏکن جي کوريءَ مان ڇپي نڪتل انسان ئي جستجو ۽ جدوجهد ڪندڙ ٿئي ٿو. ڏکن ۽ تڪليفن واري زندگيءَ مان گذريل ماڻهن ۾ سهپ ۽ قربانيءَ جي قوت بہ پيدا ٿئي ٿي.

شاهہ لطيف بہ ڏکن کي سونهون بڻائڻ لاءِ چوي ٿو، جنهن جي ذريعي ئي سک حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ پنهنجي منزل تي پهچي سگهجي ٿو ۽ انسان کي پنهنجي منزل طرف سونهون بڻائيندڙ ڏکن مٿان سوين سک قربان ڪرڻ لاءِ چوي ٿو.

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري،
جنهين جي ورونهن، سڄڻ آئيو مان گهرين.
(قليچ، سُر حسيني، داستان ١١، بيت ٢١، ص: ٣٠٧)

شاهه لطيف جو سمورو ڪلام دردن ۽ سورن جو رد عمل پيو لڳي. شاهه لطيف ڏکن ۽ سورن سان ازلي ناتو هجڻ جي ڳالهه، سسئيءَ جي زباني بيان پيو ڪري. ائين پيو محسوس ٿئي ته جڻ سموري عمر سورن ۾ ئي گذري هجيس.

سرجي تان سور، ساماٽي تان سک ويا،
اهي بئي پور، نماٽيءَ نصيب ٿيا.
(قليچ، سُر حسيني، داستان ١٠، بيت ١٦، ص: ٣٠٣)

ڏک جي ڪا به شڪل نه آهي. ڏک هڪ ڪيفيت جو نالو آهي. ڏک کي ڪيئن معلوم ڪجي؟ ڏک کي ڪيئن محسوس ڪجي؟ ڏک جي حقيقت کان ڪيئن واقفيت حاصل ڪجي؟ بقول شاهه لطيف جي ته درد جي حقيقت، درد جي ڪيفيت ۽ ان احساس کي صرف ڪو ڏکايل، ڏکي دل ۽ گهايل انسان ئي بيان ڪري سگهي ٿو، باقي ڇڱن ڀلن کي ان درد جي ڪيفيت جي ڪائي ڄاڻ ڪانه آهي.

سگهن سڌ نه سور جي، ته گهايل ڪيئن گهارين،
پئل پاسو پٽ تي، واڍوڙيل نه وارين،
پر ۾ پچن پرينءَ لئي، هيءَ هنجهون هارين،
سڄڻ جي سارين، تن رويو وهامي راتڙي.
(قليچ، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ١، بيت ١٨، ص: ٢٧)

شاهه لطيف نه رڳو شاعر آهي، پر هڪ وڏو مفڪر ۽ رهنما به آهي، جيڪو سورائتن کي سڏ ڪري هڪ هنڌ گڏ ڪري ٿو ۽ ساڻن سورن جي پڇار ڪري، انهن سورن جو سبب معلوم ڪرڻ چاهي ٿو ۽ انهن سورن مان جان آجي ڪرڻ لاءِ ڪين ڏڳ ٻڌائي ٿو ته اهڙن سالڪن سان صحبت ڪريو، جن جي ويجهو ويهڻ سان ڏک ۽ درد ختم ٿي وڃن:

مڙو سورن واريون، ڪريون سور پچار،
مٽ مٽ سورن سيکهين، ڪانهي سُوران ڏار،
ڏنم جي ڏاتار، سي مون جهولِي پائي جهلئا.
(بلوچ، سُر حسيني، داستان ٦، بيت ١٩، ص: ٢٤٢)





وينئي جنهين وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تن سين ڪَٽِ، اوڏا اڏي پکڙا.
(قليچ، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٨، بيت ٢٦، ص: ٥٦)

درد واري ڪيفيت جو انساني زندگيءَ سان هڪ اٽوٽ رشتو آهي، جنهن کي لطيف سرڪار ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي. جڏهن ڪنهن کي ڏک ۽ درد وڪوڙي ويهي رهن ۽ ڪيس ڦڪيون فرق نه ڪن ۽ انهن دردن جو دارون ۽ درمان محبوب کان سواءِ ڪو ٻيو نظر نه اچيس، ڇو ته هو اهو ڄاڻي ٿو ته سندس اندر جي آزار کي سواءِ محبوب جي، ڪو ٻيو طبيب دور نه ٿو ڪري سگهي:

تون حبيب، تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانب منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انواع،
صاحب ڏي شفا، ميان مريضن کي.
(قليچ، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ١، بيت ١، ص: ٢٥)

شاهه لطيف پنهنجي سموري ڪلام ۾ درد لاءِ ڪيترا ئي لفظ استعمال ڪيا آهن، يا ائين ڪٿي چئجي ته شاهه لطيف پنهنجي ڪلام جي مختلف سرن ۾ درد جي ڪيفيت کي الڳ روپ ۾ بيان ڪيو آهي، جن جي هڪ ڌار ڪيفيت ۽ احساس آهي. انهن کي مختلف سرن مان هيٺ بيان ڪجي ٿو:

**درد**:

تون حبيب تون طبيب، تون درد جي دوا،
(قليچ، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ١، بيت ١، ص: ٢٥)

**سور**:

سگهن سڌ نه سور جي، تا رنڪن رنجوري،
(قليچ، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ١، بيت ١٩، ص: ٢٧)

**ڏرت**:

سباجهي ستار، لاتا ڏرت ڏيهه تان.
(قليچ، سُر سارنگ، داستان ١، بيت ١٨، ص: ١٥٩)

**سوز:**

سڻ ته سوز پرائي، آءُ چيائون اڄ،
(قليچ، سُر سسئي آبري، داستان ١١، بيت ٢، ص: ٢١١)

**اولاڪو:**

اولاڪن اچي، معذور ڪي مارو ڪيو،
(قليچ، سُر سسئي آبري، ابيات متفرقه ١٠، ص: ٢١٤)

**عذاب:**

ان عذابان اڳهين، مادر چو نه مران؟
(قليچ، سُر ڪوهياري، داستان ٥، بيت ١، ص: ٢٧٥)

**ڏک:**

ڏينهان ڏورڻ ڏُک سين، راتيان چڪن چاڪ،
(قليچ، سُر حسيني، داستان ٥، بيت ١٠، ص: ٢٩١)

**آزار:**

جانب منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انوا،
(قليچ، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ١، بيت ١، ص: ٢٥)

**جهوري:**

جنهن جهوريءَ ڪان جهلياس، جهڃيو تنهن جهوريءَ پوي،
(قليچ، سُر رپ، داستان ١، بيت ٢، ص: ٤٥٩)

**گوندر:**

ارڏيا آريءَ ڄام ري، گوندر گذريام،
(قليچ، سُر معذوري، داستان ٣، بيت ١، ص: ٢٢٥)

**اندوه:**

عاشقن اندوه، سدا معشوقن جو،
(قليچ، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٢، بيت ١١، ص: ١٧)





**اهنج:**

اندر اي اهنج، سانيج سڪائون ڪري،
(قليچ، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٢، بيت ١٤، ص: ١٧)

شاهه جي ڪلام مان مٿي بيان ڪيل ڏک لاءِ مختلف لفظ، جيڪي ڏک جي ڪيفيت ۽ درد جي داستان کي الڳ انداز ۾ بيان ڪن ٿا ، جن کي شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندو آهي. انهن لفظن جو بيان گهڻي انداز ۾ سسئيءَ جي سُرن، سُر رپ، سُر سارنگ، سُر ڪلياڻ توڙي سُر يمن ڪلياڻ ۾ ڪيل آهي.

”ڏک رڳو ڊاهيندڙ ۽ ناس ڪندڙ نه ، پر ڪيترين حالتن ۾ اڏيندڙ ۽ تخليف ڪندڙ به آهي. هر عظيم ۽ پياري شيءِ ۽ ڳالهه، مسئلن ۽ مونجهارن، ڏکن ۽ پيڙائن سان مقابلي ۽ ويڙهه مان پيدا ٿي آهي. ڏک انسانيت جا اعليٰ ترين گڻ پيدا ڪن ٿا، جيڪي انسان ۽ انسان جي وچ ۾ ويجهي ۾ ويجها ناتا ، گڏيل ڏک ، گڏيل پيڙائون پيدا ڪن ٿا. ماڻهو جي آزمائش سکن ۾ نه، ڏکن ۾ ٿئي ٿي. ڏک ۽ پيڙائون ئي انسان کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بڻائن ٿا. دنيا جا پياري ۾ پيارا، املهه ۾ املهه ماڻهو، ڏکن ۽ پيڙائن جي اوڙاهن جهاڳڻ وارا ماڻهو ٿيا آهن.“[٣]

لطيف سرڪار جي سمورن مرد توڙي عورت ڪردارن جو سورن سان سوايو سَڱُ رهيو آهي ۽ اهي سور ئي انهن جي سڃاڻپ جو ذريعو بڻيا آهن. پوءِ انهن مان سسئي هجي، سهڻي هجي، مارئي هجي، ڪاهوڙي هجن يا جوڳي هجن، پر اهي سڀئي سورن کي سِرَ تي سهي، پنهنجي منزل طرف رمندا رهن ٿا. جڏهن سسئي سراپا سور بڻجي وڃي ٿي ۽ ڪيس محبوب ملڻ محال ٿي پئي ٿو، ته هوءَ سورن سان مخاطب ٿي ڪين چئي ٿي:

سور م ڏيهم ڏوڻ، آءُ اڳهين ڪانهري،
جا پر پاٽيءَ لوڻ، سا پر منهنجي جندڙي.
(بلوچ، سُر حسيني، داستان ٦، بيت ٢، ص: ٢٤٠)

ڏکويل انسان اڪثر ڪري مايوس ٿي مات ڪري ويهي رهندو آهي، پر لطيف جي سورمي سسئيءَ جي ڏک واري صورتحال ۾ ڪيفيت ئي الڳ آهي. هوءَ مايوس ٿي مات ڪري ويهي ڪانه ٿي رهي، پر هوءَ پنهونءَ تائين پهچڻ لاءِ ڏکن سان ڏوريندي رهي

ٿي ۽ اهي ڏک ئي سسئيءَ جا سونهان بڻجن ٿا ۽ هوءَ چوي ٿي ته اهي ئي ڏک آهن، جن جي ڪري ڪيس سک ملندا، ڇو ته جهڙيءَ طرح ڏينهن ڪان پوءِ رات جو وارو آهي، اهڙي طرح ئي ڏکن ڪان پوءِ سکن جو وارو آهي.

ڏکن پٺيان سک، سگها ٿيندءِ سسئي،
پير مَ ڇڏج پرينءَ جو، توڙي لکن لُڪَ.
ڏورج پاسي ڏک، ته پوي ڀاجھ ڀروچ ڪي.
(بلوچ، سُر حسيني، داستان ٣، بيت ٧، ص: ٢٣٤)

لطيف سرڪار، سسئيءَ جي سورن کي ته پورن پنجن سرن ۾ بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ آبري، ديسي، معذوري، ڪوهياري ۽ حسيني اچي وڃن ٿا. انهن سرن ۾ لطيف سرڪار، سسئيءَ جي سورن کي ڏاڍي اثرائتي انداز ۾ ڳايو آهي . سسئيءَ جي اندر ۾ پنهونءَ جي عشق واري اڄ هئي، جنهن سسئيءَ کي پهاڙن جا پنڌ ڪرايا. انهيءَ عشق واري اڄ جي ڪري ئي سسئيءَ ڪي سور سهڻا پيا ۽ آخر اهي سُور ۽ پهاڙن جا سفر صاب پيس.

بره مٺايس بر، نا ته سڪي ڪير سڏون ڪري،
گهٽو ڏوريائين ڏک سين، ڏيرن لئي ڏونگر،
وري آيس ور، سفر مئيءَ جا صاب پئا.
(بلوچ، سُر ديسي، داستان ٣، بيت ١١، ص: ٢١٢)

سسئي هڪ نبل عورت آهي، جيڪا پنهونءَ جي فراق ۾ گهايل ۽ ڏکايل آهي، اندر اڌ اٿس. ڏک مان سندس ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون برسن پيون، پر هن جا ارادا ايترا ته مضبوط ۽ پختا آهن، جو هوءَ پٻ جي پهڻن کي به پورا پورا ڪرڻ جي ڳالھ ٿي ڪري. شاھ لطيف ان سموري وارتا کي هيئن بيان ڪيو آهي:

ڏونگر ڏکوين ڪي، ڳل نه سڪا ڳوڙها،
هوءِ جي پهڻ پٻ جا، سي پڃي ٿيا پورا،
گوندر جا گهوڙا، وڃن جان جدا ڪيو.
(قليچ، سُر ڪوهياري، داستان ٢، بيت ١١، ص:٢٦٩-٢٧٠)

زندگيءَ جو اصل مقصد ڪڏهن به ڏکن ، تڪليفن ۽ ڪشالن ڪان سواءِ حاصل ڪرڻ ممڪن نه آهي .مقصد ۽ منزل ڏانهن سفر ڪندي راھ ۾ ڪيتريون ئي رڪاوٽون





اچن ٿيون، انهن تڪليفن ۽ ڏکن کي منهن ڏيڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالھ نه آهي. مقصد جي حاصلات لاءِ سور سختيون سهٽيون پونديون، تڏهن وڃي مقصد کي حاصل ڪبو:

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن آءُ ڏٺي،
پچان پير پنهونءَ جو، وجهان وک وڏي،
لڪئي آءُ لڌي، نا ته پٽن ڪير پنڌ ڪري.
(قليچ، سُر ديسي، داستان ١، بيت ٣، ص: ٢٣٩)

لطيف سرڪار سسئيءَ جي سورن کي ڏاڍي ڏکايل انداز ۾ بيان ڪيو آهي. سسئيءَ جا سور سُٺي هر ڏکايل ماڻهو، انهن سورن آڏو پنهنجن سورن کي ڪجھ به نه ٿو سمجهي. سسئيءَ جا سور ٻڌي جيڪر ڏونگر به ڏري پون ۽ سمورا وڻ ٽڻ جلي خاڪ ٿي وڃن:

حقيقت هن حال جي، ظاهر ڪريان ذري،
لڳي ماٺ مروئن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ ٻري، اوپر اپري ڪين ڪي.
(قليچ، سُر ڪوهياري، داستان ٥، بيت ٥، ص: ٢٧٦)

سسئي جو سورن سان اهڙو ته واسطو ٿي ويو آهي، جو ان لاءِ پهڻ به پٽراٽي ، ڏونگر ڏولي ۽ جهنگ جا مرون به مائٽ بڻجي چڪا آهن:

چپون چپر ڪٿ، پهڻ پٽراٽيون، پانئيان،
جتي رهان راتڙي، تِتي مرون مون مٽ،
سيٽن جي سهٽ، ڏونگر ڏولي مون ٿيو.
(قليچ، سُر حسيني، داستان ٥، بيت ٥، ص: ٢٩٠)

شاھ لطيف جو سر رپ، جنهن ۾ شاھ لطيف جي مختلف شارحن، رپ لفظ جي معنيٰ ڳري آفت بيان ڪئي آهي. هن سموري سر ۾ شاھ صاحب انهن عاشقن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي گوندر ۾ غرق ٿيل آهن، جن کي هر وقت حقيقي محبوب جي ڳٽتي ڳاريندي رهي ٿي. اهي پنهنجي پرينءَ کي پسڻ لاءِ پريشان آهن. دل دردماندي اٿن، وڇوڙي جي وڍن ڪين بت مان بيزار بڻائي ڇڏيو آهي. نهائينءَ جيان سارو ڏينهن سڙن پيا پر پنهنجي اندر جي ڀاڦ ڪين ڪڍن ٿا:

”هن سر ۾ شاهه صاحب انهن غريب عاجزن جو ذڪر ڪري ٿو، جن جا نجهرا پڳل آهن ۽ جي وَرَ ريءَ ڏکيا ڏينهن پيئون گهارين، انهن ڪي نه آهي سوڙ، نه گبرو. ڪانڌ ۽ ڪپهه بنا، ڪين سيءُ پيو ستائي.“[۴]

سر رپ ۾ شاهه لطيف، ان سمورن سک وارن جي سورن جو داستان بيان ڪيو آهي، جن نينهن ڪي نهائينءَ جيان سانديي پنهنجو حال هيٺو ڪري ڇڏيو آهي. هن سر مان اهي سور واريون ڪجهه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

گوندر ڪيو غرق، ماءِ! منهنجو جندڙو،
ڏکوين مرڪ، متي سڳر پنڌڙا!
(قليچ، سُر رپ، داستان ۱، بيت ۱، ص: ۴۵۸)

ڳَره ۾، ڳُجهو روءُ، پڌر وجهُ مَ پرينءَ ري،
سورن سُيَرُ هوءِ، هِينئَڙا! ڪُم ڪنن جِئَن.
(قليچ، سُر رپ، داستان ۱، بيت ۱۰، ص: ۴۵۹)

چيتاريان چُٽڪن، وساريان نه وسري،
ويرو تار ڏکن، سڄڻ پڳو هڏ جئن.
(قليچ، سُر رپ، داستان ۱، بيت ۲۴، ص: ۴۶۰)

نيڻ نهائينءَ جان، ستي لوڪ ڏکيان
اجهاميو ٻران، توکي ساريو سپرين.
(قليچ، سُر رپ، داستان ۲، بيت ۱۲، ص: ۴۶۳)

محبوب جي فراق جو درد عاشقن کي غم ۾ غرق ٿو ڪري ڇڏي. ڪين غم ايترا آهن، جو انهن جو انت نه آهي ۽ انهن غمن جي ايتري ته گهٽائي آهي، جو اهي مُچَنِ جا مُچَ ڦٽي نڪتا آهن. جيئن وسڪاري جي مند ۾ خشڪ هنڌن تي ساوڪ ڦٽي نڪري ٿي، عاشقن سان به غم اها ساڳي ڪار ڪن ٿا. لطيف سائين، ان کي هيئن بيان ڪيو آهي:

اٿي جئن مورن، اوپڙ ولهارن ۾،
سا پر گوندر ڪن، جُه ڦوڙائو سڄڻين.
(قليچ، سُر رپ، داستان ۱، بيت ۴، ص: ۴۵۸)





شاهه سائينءَ، سر مارئيءَ ۾، مارئيءَ جي مارن کان ڏور گهارڻ واري ڏک کي بيان ڪيو آهي. مارئي جي اندر جو ڏک اهو آهي ته هوءَ پنهنجن کان پري، ڪوٽن ۾ قيد آهي. هر وقت پنهنجي اباڻن جي اوني ۽ فڪر ۾ آهي، ته منهنجا اباڻا ڪهڙي حال ۾ هوندا؟ ڇو ته انهن وٿان ڪا به خبر ڪانه آئي اٿس، ڪو به قاصد ڪونه آيو اٿس، جيڪو اچي مارئيءَ کي پنهنجن ماروئڙن جو حال ٻڌائي، مارئي انهيءَ فڪر ۾ ملول ۽ ماندي آهي:

نڪو اير، نه پير، نڪو اوٺي آئيو،
مون وٽ آيو ڪونه ڪو، پائرنؤَن پري پير،
ڪتابتون ڪير، آڻي ڏيندم انجون؟
(قليچ، سُر مارئي، داستان ۲، بيت ۴، ص: ۵۶۳)

شاهه لطيف سر سامونديءَ ۾ احساسن ۽ ارمانن، ڏکن ۽ خوبصورت جذبن کي اثرائتي انداز سان چٽيو آهي. وڻجارو پنهنجي ونيءَ کي روئندو ڇڏي، ڏيساور ڏانهن اسهي ٿو. وڻجاري ويچاري، اوسيئڙي جي ارمانن ۾ پچرندي رهي ٿي. وڻجاري جي موٽي اچڻ جي انتظار ۾ سوچيندي رهي ٿي ته ’اجهو ڪي آيو‘ ۽ اچي ته ڳر لڳي کي ڳالهيون ڪيانس. نيٺ وڻجارو اچي ٿو، پر وري به وڃڻ سنديون وايون پيو ڪري. وڻجاريءَ جي روڪڻ سان به نه پيو رُڪي. وڻجاري جي وري وڃڻ کان پوءِ، ويچاري وڻجاريءَ جا حال هيٺا آهن، ڪيس وڇوڙي جا سيءَ وڪوڙي ٿا وڃن. گهر ۾ اٿهوند اٿس، آونگ به اڏارا آڻي پئي چاڙهي. شاهه سائينءَ ان وڻجاريءَ جي ڏک، درد جي سموري وارتا کي پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

اُلوڙڻ نه ڏي، وَرُ وڌائين ونجهه ڪي،
اڄوڪي راتڙي، رهه لالن مون لائي،
وڄُ مَ ڦوڙائي، ايڏي سَفَرِ سُپرين
(قليچ، سُر سامونڊي، داستان ۱، بيت ۲۱، ص: ۹۹)

ويا اوهري اوءِ، مونکي ڇڏي ماڳهين،
جُڳن جا جُڳ ٿيا، تئان نه موٽيو ڪوءِ!
گوندر ماريندوءِ، ويچاريءَ وين جو.
(قليچ، سُر سامونڊي، داستان ۱، بيت ۱۰، ص: ۹۸)

جيڪو اڄي هاڻ، تہ ڪريان روح رچنديون،
آيل! ڏولي ساڻ، هوند ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان.
(قليچ، سُر سامونڊي، داستان ۱، بيت ۲۹، ص: ۱۰۰)

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
هلڻ هارا سپرين، رئان تان نہ رهن،
آءُ جهليندي ڪيترو آيل سامونڊين،
پڳهہ ڇوڙي جن وڏا پيڙا پار ۾.
(قليچ، سُر سامونڊي، داستان ۲، بيت ۳، ص: ۱۰۳)

وڇوڙي جا وڍ انسان کي اهڙو تہ ڏک ڏئي ويندا آهن، جو هو هر شيءِ کي سچ ئي سچ سمجهندو آهي. ڪيس ڪيترين ئي خوشيون هوندي بہ اندر ۾ اڪيلائيءَ جو ماتم هوندو آهي:

ننگر ۾ ناريون، پڳهہ ڪٽي پنڌ تيا،
بندر بازاريون، سڃا سامونڊين ري.
(قليچ، سُر سامونڊي، داستان ۱، بيت ٦، ص: ۹۹)

مجموعي طور تي شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ ڏک ، درد، اهنج ، سور ۾ پيڙا جي ڪيفيت کي الڳ حيثيت حاصل آهي. شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ ڏک جو لفظ، سک ۾ سکون جو اهڃاڻ آهي. شاهہ سائينءَ وٽ ڏک مايوس ڪندڙ، پچندڙ ۽ پوريندڙ نہ آهي، پر اهو اڏيندڙ ۽ جدوجهد پيدا ڪندڙ آهي. شاهہ لطيف وٽ زندگيءَ جي معنيٰ ڏک کان سواءِ اڌوري ۽ اڻ پوري آهي. شاهہ سائينءَ جا ڪردار بہ سورن کي سڏي، انهن جو آڌر ڀاءُ ڪن ٿا. ايتري قدر جو اهي ڏکن ۾ بہ راحت محسوس ڪن ٿا ۽ ان ئي ڏک ۾ تڪليف ۾ پنهنجي تنَ جي تندرستي سمجهن ٿا.

سور جنکي سريو، سري تن صحت،
مني مصيبت، آهي عاشقن کي.
(قليچ، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۸، بيت ۳، ص: ۵۳)



Kalachi Research Journal ڪلاچي تحقيقي جرنل

## حوالا


۱. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر، مقالو: ’شاهہ لطيف جي شاعري ۾ ڏک جو فلسفو‘، شاهہ لطيف جي شاعري ۾ درد جو جمال، ترتيب ۽ تدوين، فياض لطيف ڊاڪٽر، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۱۷ع، ص: ۱۱۸.

۲. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’نئين جامع سنڌي لغات‘، جلد ٻيو (ج_ڪ)، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ڇاپو پهريون، ۲۰۰۵ع، ص: ۹۷۰.

۳. پليجو، رسول بخش، مقالو: ’لطيف وٽ ڏک جو تصور‘، شاهہ لطيف جي شاعري ۾ درد جو جمال، ترتيب ۽ تدوين، فياض لطيف ڊاڪٽر، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۱۷ع، ص: ۹۰.

۴. آڏواڻي ڪلياڻ، ’شاهہ جو رسالو‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ڇاپو ڇهون، ۲۰۱۲ع، ص: ۵۴۷.


### مددي ڪتاب:


۱. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهہ جو رسالو‘، شارح، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ۲۰۱٦ع.

۲. قليچ بيگ، مرزا، شمس العلماءِ ’شاهہ جو رسالو‘، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ڄامشورو، ڇاپو ٻيو، ۲۰۰۷ع.

۳. آڏواڻي، ڪلياڻ، ’شاهہ جو رسالو‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ڇاپو ڇهون، ۲۰۱۲ع.


**نوٽ:** هن مقالي ۾ شامل شاهہ لطيف جا بيت، هيٺين رسالن مان ڪنيل آهن:

- قليچ، بيگ، مرزا، ’شاهہ جو رسالو‘، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، ۲۰۰۷ع.
- بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهہ جو رسالو‘، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۰۹ع.